# بين الاقوامي عدالت

جڏهن ٻن ماڻهن يا جماعتن جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تان تڪرار ٿي پوندو آهي، تڏهن انهن جي آڏو، انهيءَ تڪرار جي نبيري جا ٻه رستا هوندا آهن: هڪڙو ڏاڍ ۽ ويڙهه جو ۽ ٻيو انصاف ۽ صلح جو. ساڳيءَ ريت ٻن ملڪن يا ملڪن جي جماعتن جا تڪرار به جنگ يا امن ذريعي نبيريا ويندا آهن؛ پر جيئن ته ويڙهه ۽ جنگ ۾ نه رڳو جان ۽ مال جو تمام گهڻو نقصان ٿيندو آهي ۽ فيصلو به انصاف جي بنياد تي نه، پر طاقت جي بنياد تي ٿيندو آهي. انڪري سُڌريل ماڻهو ۽ ملڪ عام طرح انهيءَ رستي کان پاسو ڪندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن، ته نبيرو انصاف ۽ امن جي بنياد تي ٿئي.

انصاف ۽ امن واري نبيري لاءِ ڌريون يا ته پاڻ ۾ ڳالهائينديون آهن يا ڪنهن ٻيءَ ڌر کي وچ ۾ وجهنديون آهن. ٻيءَ حالت ۾ وڃي عدالت جو در کڙڪائينديون آهن.

فردن ۽ جماعتن جي تڪرارن جو نبيرو ته ان ملڪ جون عدالتون ڪنديون آهن، جتي اهي فرد ۽ جماعتون رهندڙ هونديون آهن؛ پر ملڪ جا پاڻ ۾ تڪرار هڪ عالمي عدالت نبيريندي آهي، جنهن کي "انصاف جي بين الاقوامي عدالت" سڏجي ٿو. هيءَ عدالت، گڏيل قومن واري اداري طرفان "بين الاقوامي انصاف جي دائمي عدالت" جي جاءِ تي قائم ڪيل آهي.

دائمي عدالت قومن جي انجمن طرفان 1921ع ۾ برپا

ڪئي وئي. ٻيءَ عالمي جنگ کان پوءِ "قومن جي انجمن" کي ٽوڙي "گڏيل قومن جو ادارو" ٺاهيو ويو. تڏهن دائمي عدالت کي ختم ڪري بين الاقوامي عدالت جوڙي ويئي. انهيءَ عدالت جو پهريون اجلاس اپريل ۽ مئي 1946ع ۾ ٿيو.

هن عدالت ۾ پندرهن جج آهن. جن کي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۽ سلامتي ڪائونسل نون ورهين جي عرصي لاءِ چونڊيندي آهي. جيڪا جاءِ ڪنهن جج جي گذاري وڃڻ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري خالي ٿيندي آهي، سا ان جج جي رهيل مدي لاءِ ڀري ويندي آهي. جن ججن جي ايامڪاريءَ جو مدو پورو ٿي ويندو آهي، سي ٻيهر چونڊجي سگهجن ٿا.

هن ڪورٽ جو صدر مقام هالينڊ جي شهر هيگ ۾ آهي؛ پر ڪورٽ چاهي ته ڪٿي به اجلاس ڪري سگهي ٿي. ڪورٽ جي دستور هيٺ ان کي عدالتي موڪلن وارا ڏينهن ڇڏي، باقي سڄو سال کُليل رهڻو آهي. پنهنجي ڪم ڪار ۾ اها بلڪل خود مختيار آهي. اُن جا جج پاڻ منجهان ڪن به ٻن ڄڻن کي عدالت جو صدر ۽ نائب صدر ڪري چونڊيندا آهن. رجسٽرار، ٻيا عملدار ۽ هيٺيون عملو به هو پاڻ مقرر ڪندا آهن. صدر ۽ رجسٽرار کي هيگ ۾ رهڻو پوندو آهي.

هيءَ ڪورٽ گڏيل قومن واري اداري جي فقط اهڙن ميمبرن ملڪن جا ڪيس ٻڌندي آهي، جن ان جي دستور کي قبول ڪيو هوندو. جيڪي ملڪ گڏيل قومن جا ميمبر نه آهن، پر هن عدالت جي دستور کي قبول ڪن ٿا ۽ ان جي فيصلن

سان ٻڌل رهڻ جو اقرار ڪن ٿا، سي پڻ پنهنجا تڪرارَ ان ڪان نبيرائي سگهن ٿا.

ڪورٽن جي فيصلي جي پوئواري نہ ٿئي تہ انهن جو هجڻ، نہ هجڻ برابر آهي. قومي ڪورٽون جيئن تہ خود مُلڪي حڪومت جو اهم حصو هونديون آهن، انڪري اُهي پنهنجي فيصلن جي پوئواري ڪرائڻ جو اختيار رکن ٿيون؛ پر بين الاقوامي عدالت ڪنهن حڪومت جو حصو نہ آهي، انڪري ان کي پنهنجن فيصلن جي پوئواري ڪرائڻ جي ڪا طاقت نہ آهي. اها هر ميمبر ملڪ جي اخلاقي جوابداري آهي تہ اهو انهيءَ عدالت جي فيصلن سان ٻَڌل رهي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بين الاقوامي عدالت ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندي آهي؟
2- ڪهڙا ملڪ بين الاقوامي عدالت ڪان پنهنجا تڪرار نبيرائي سگهن ٿا؟
3- بين الاقوامي عدالت جي ججن جي چونڊ ڪهڙيءَ ريت ٿيندي آهي؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ويڙهہ – تڪرار – نبيرو – دائمي – جوڙي – مُدي.

(ج) هيٺ ڏنل لفظن مان هرهڪ جون ٽي معنائون ڏنل آهن، اوهان درست معنيٰ تي ( ✓ ) جو نشان هڻو:

1- جنگ لفظ جي معنيٰ آهي
(محبت – لڙائي – صلح)

2- نقصان لفظ جي معنيٰ آهي
(نفعو – ٽوٽو – ڏنڊ)

3- سچو لفظ جي معنيٰ آهي
(اڌورو – اڻ پورو – ثابت)

(د) هيٺين لفظن آڏو انهن جا ضد لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| تڪرار | | شهر | |
| جنگ | | سچو | |
| نقصان | | ڳليل | |
| خالي | | مُلڪي | |

(هه) اهڙا حرف جيڪي ٻن لفظن يا جملن کي ڳنڍين ٿا، تن کي حرف جملو چئبو آهي، جيئن: ته، پر، يا، ۽ وغيره، توهين اهي حرف پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻيو.